## الله ۽ رسول جو شير

# حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ

**10-April-2025**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

10 اپريل، 2025ء (متوقع اسلامي تاريخ: 11 شوال شريف، 1446ھ)

تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# الله ۽ رسول جو شير حضرت امير حمزه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... الله پاڪ جي راهه ۾ تڪليف برداشت ڪرڻ سنت آهي

✿... پياري آقا جو پسنديده نالو

✿... خاڪِ مزار ۾ شِفا آهي

✿...رحمت ڪان محروم ماڻهو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ط وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيِّيْن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

مسلمانن جي پياري اَمّي جان حضرت عائشہ صِديقہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا کان روايت آهي تہ رسول رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن ٻانهو مون تي درود پاڪ پڙهندو آهي تہ ان جي برڪت سان هڪ فرشتو الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندو آهي، پوءِ ان فرشتي جي لاءِ حڪم ٿيندو آهي تہ : هن ڪي منهنجي ٻانهي جي قبر تي وٺي وڃو! تہ جيئن هي منهنجي ٻانهي جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندو رهي ۽ منهنجي ٻانهي جون اکيون ٺڏيون ٿينديون رهن.(1)

ذاتِ والا پہ بار بار دُرود | بار بار اور بے شُمار دُرود
قبر میں خوب کام آتی ہے | بیکسوں کی ہے یارِ غار دُرود (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (3)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بااَدَب ويهندس ۞ خوب توجهہ سان

1...مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:10، حديث:6026 بتغير۔
2...ذوقِ نعت، صفحہ:123 تا125 ملتقطاً۔
3...بخاری، کِتَاب بَدء الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

## اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو

هڪ دفعي جو ذڪر آهي، پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم صُفا جبل وٽ تشريف فرما هئا ته ايتري ۾ اُتي دشمنِ اسلام ابوجهل به اچي نڪتو، هن بدبخت شخص محبوبِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جن کي معاذالله! گاريون ڏيڻ شروع ڪيون، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم ته اَلْحَمْدُلِلّٰه! مڪمل حِلْم جا پيڪر آهن، پاڻ خاموشيءَ سان ابوجهل جي بڪواس ٻڌندا رهيا، جواب ۾ هڪ لفظ به ارشاد نه فرمايائون.

ابوجهل پاڻ ئي بڪ بڪ ڪري چپ ٿي ويو ۽ هليو ويو. پيارا آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم به اتان تشريف کڻي ويا. ڪجهه دير ڪان پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي پياري پياري چاچي جان حضرت امير حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ (جيڪي اجان ان وقت تائين مسلمان نه ٿيا هئا) جو اُتان گذر ٿيو، ڪنهن انهن کي ٻڌايو ته حمزه! ابوجهل اڄ تنهنجي ڀائٽي سان تمام گهڻي بدتميزي ڪئي آهي. اها ڳالهه ٻڌڻ شرط ئي پاڻ غصي ۾ اچي ويا ۽ سڌو ابوجهل وٽ آيا ۽ پهچڻ سان ئي ان کي مارڻ شروع ڪري ڏنائون.

ابو جهل پنهنجي صفائي ڏيندي چيو: اي حمزه! ڇا توهان نه ٿا ڏسو ته مُحَمَّد (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم) ڪهڙو دين آندو آهي؟ حضرت امير حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ان وقت تائين اجان ايمان نه آندو هو پر ان وقت سندن دل ۽ دماغ تي پنهنجي ڀائٽي (يعني حضورِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم) جي محبت غالب هئي، پاڻ ابوجهل جي ڳالهه ٻڌي فرمايائون ته: تون واقعي بي عقل آهين جو پنهنجي هٿن سان ناهيل پٿرن کي خدا مڃين ٿو. مان گواهي ڏيان ٿو ته الله پاڪ ڪانسواءِ ڪو به معبود نه آهي ۽ مُحَمَّد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم الله جا سچا رسول آهن.[(1)]

ان وقت حضرت امير حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي دل تي محبتِ مصطفيٰ غالب هئي، جنهن جي غلبي سبب پاڻ ڪلمهءِ شهادت پڙهي ورتائون، فرمائن ٿا: بعد ۾ مون کي ان

1...تفسير ڪبير، پاره:8،سورهٔ انعام، تحت الآية:122، جلد:5، صفحه:134۔

بابت پريشاني ٿي، مون ساري رات سوچ ويچار ۾ گذاري، صبح جو حرمِ ڪعبہ ۾ حاضِر ٿيس ۽ باڏائي باڏائي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دُعا ڪيم تہ يا اللّٰه پاڪ! منهنجو سينو حق جي لاءِ ڪولي ڇڏ ۽ مون کان شڪ دور فرماءِ، اجان مون دعا پوري ئي نہ ڪئي هئي تہ منهنجي دل مان شڪ دور ٿي ويو ۽ دينِ اسلام تي منهنجو يقين پختو ٿي ويو، ان کان پوءِ مان بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿيس، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سموري صورتحال پيش ڪيم تہ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ منهنجي حق ۾ دعا فرمائي.[1]

## اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي شان ۾ آيت نازل ٿي

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امير حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ دولتِ اسلام سان مالامال ٿيا تہ ان وقت سندن شان ۾ هيءَ آيتِ ڪريمہ نازِل ٿي:

| | |
|---|---|
| اَوَ مَنۡ کَانَ مَیۡتًا فَاَحۡیَیۡنٰہُ وَ جَعَلۡنَا لَہٗ نُوۡرًا یَّمۡشِیۡ بِہٖ فِی النَّاسِ (پارو: 8، سورۂ انعام:122) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ڇا جيڪو مرده هو پوءِ اسان ان کي زنده ڪري ڇڏيو ۽ اسان ان لاءِ هڪ نور بڻائي ڇڏيو جنهن سان گڏ اُهو ماڻهن ۾ هلندو آهي. |

| | |
|---|---|
| مجھ سے کس طرح بیاں شان ہو حضرت حمزہ | کُل شہیدوں میں وہ ذی شان ہو حضرت حمزہ |
| آپ کے دم سے بڑھی شوکتِ اسلام شہا | باعثِ قوتِ ایمان ہو حضرت حمزہ |
| آپ کو بخشا گیا سیدِ شُہَدا کا لقب | دین پہ اس طرح قربان ہو حضرت حمزہ |
| شاہِ کونین سے یوں کر گئے تکمیل وفا | جان سے آقا پہ قربان ہو حضرت حمزہ |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حلم ۽ بردباري اختيار ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت امير حمزه رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو... جيڪو هاڻي اسان ٻڌو، ان ۾ حِلْمِ مصطفيٰ جو شان ڏسو! ابوجهل بدبخت جيڪو هيو ئي جاهلن جو سردار، اهو بڪواس ڪندو رهيو، ڪندو رهيو، گاريون ڏيندو رهيو، پر پياري محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جواب ۾ هڪ لفظ بہ ارشاد نہ فرمايو،

1...الروض الانف، اسلام حمزة، جلد:2، صفحہ:51۔

ان حِلم جي برڪت ائين ظاهِر ٿي جو حضرت امير حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا.

| | |
|---|---|
| کوئی گالی سناتا تھا، کوئی پتھر اُٹھاتا تھا | کوئی توحید پر ہنستا تھا، کوئی منہ چڑاتا تھا |
| مگر وہ منبعِ حِلم و صفا خاموش رہتا تھا | دُعائے خیر کرتا تھا، جفا و ظلم سہتا تھا (1) |

## الله پاڪ جي راهہ ۾ تڪليف برداشت ڪرڻ سنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ذرا غور ڪريو! اسان جي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اِسلام جي خاطر ڪهڙيون ڪهڙيون تڪليفون برداشت ڪيون! اهو سڀ ڪجهہ کُلي ڪري نيڪيءَ جي دعوت شروع ڪرڻ کان پوءِ ٿيو. تنهنڪري جڏهن بہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي سبب ڪا تڪليف سَهڻي پوي تہ مڪي مدني آقا، رسولِ خدا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي راهِ تبليغِ اِسلام ۾ پيش ايندڙ تڪليفن کي ياد ڪري الله پاڪ جو شڪر ادا ڪري تہ الله پاڪ ڪيس دين جي خاطر سختيون برداشت ڪرڻ واري سنت ادا ڪرڻ جي سعادت بخشي آهي. اهڙي طرح اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیم! شيطان ناڪام ونامراد ٿيندو ۽ صبر ڪرڻ آسان ٿي ويندو.

يقيناً راهِ خُدا ۾ تڪليفون سهڻ بہ سُنّت ۽ انهن تي صبر ڪرڻ بہ سُنّت ۽ باوجود سخت ترين مشڪلاتن جي نيڪيءَ جي دعوت جو سلسلو جاري رکڻ بہ سُنّت آهي.[2]

| | |
|---|---|
| سنّتیں عام کریں، دین کا ہم کام کریں | نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے! |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا پيارا چاچا جان آهن، پاڻ پياري نبي، رسولِ

1...شاہنامۂ اسلام،حصہ: اول، ص118ملتقطاً۔
2...بھیانک اُونٹ، صفحہ:6۔

هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وِلادتِ باسعادت کان 2 سال پهريان دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا. سندن 4 مشهور لقب آهن: (1): اَسَدُ الله (الله جو شينهن) (2): اَسَدُ الرَّسُول (رسولِ پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو شينهن) (3): فاعِلُ الْخَيْرات (تمام گهڻا ڀلائيءَ جا ڪم ڪرڻ وارو) ۽ (4): سَيّدُ الشُّهَدَاء [1]

## پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان 3 رشتا

حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ڪيترن ئي حيثيتن سان رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا رشتيدار آهن: (1): پاڻ رسولِ ڪريم، رئوف و رحيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا چاچا جان آهن (2): حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي والده نبي ڪريم جي والده سيده آمنہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا جي سؤٽ آهي، ان سبب حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا ماسات ٿيا (3): حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا کير شريڪ ڀائر پڻ آهن ڇو تہ حضرت ثُوَيبَه ۽ حضرت حليمہ سعديہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہما جيڪي رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون رضاعي مائرون آهن، حضرت اميرِ حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بہ انهن ٻنهي کان کير پيتو آهي.[2]

کیا پوچھتے ہو کیا ہیں حضرت امیرِ حمزہ
حیرت کی انتہا ہیں حضرت امیرِ حمزہ
اللہ رے یہ نسبت، اللہ رے یہ عظمت
سرکار کے چچا ہیں حضرت امیرِ حمزہ

## پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پسنديده نالو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا آقا و موليٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي چاچي، حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ سان تمام گهڻي محبت فرمائيندا هئا. حضرت جابر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: هڪ دفعي هڪ شخص دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجي گهر ۾ پُٽَ جي ولادت ٿي

1...شرح زرقانی مواہب الدنیہ، جلد:4، صفحہ:470، أسد الغابۃ، جلد:2، صفحہ:67۔
2... أسد الغابۃ، جلد:2، صفحہ:67۔

آهي، ان جو نالو ڇا رکان؟ رسولِ رحمت، شفيعِ امت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مونکي پنهنجي چاچي حمزه بن عبد المطّلب جو نالو تمام گهڻو پسند آهي، پنهنجي ٻار جو اهو ئي نالو رکو...! [1]

## اللّٰه پاڪ بهترين واعدو فرمايو

سيپارو: 20، سورت قَصَص، آيت: 61 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اَفَمَنْ وَّعَدْنٰهُ وَعْدًا حَسَنًا فَهُوَ لَاقِیْهِ كَمَنْ مَّتَّعْنٰهُ مَتَاعَ الْحَیٰوةِ الدُّنْیَا ثُمَّ هُوَ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ مِنَ الْمُحْضَرِیْنَ ﴿۶۱﴾

(پارو 20، سورة قصص: 61)

ترجموڪنزالعرفان: تہ اهو شخص جنهن سان اسان جو سٺو واعدو ٿيل آهي، سو اهو ان (واعدي) سان ملڻ وارو (بہ) آهي، ڇا اهو ان شخص جهڙو آهي جنهن کي اسان (فقط) دنياوي زندگيءَ جو نفعو گذر سفر لاءِ ڏنو هجي پوءِ اهو قيامت جي ڏينهن گرفتار ڪري حاضر ڪيلن مان هجي.

هن آيتِ ڪريمہ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ٻہ شخص آهن: (1): هڪ اهو آهي جنهن سان اللّٰه پاڪ جنت جو واعدو فرمايو آهي ۽ اهو ضرور جنت ۾ پهچي ويندو ۽ (2): ٻيو اهو آهي جنهن کي دنياوي مال عطا ڪيو ويو پوءِ قيامت جي ڏينهن ڪيس گرفتار ڪري آندو ويندو. ڇا اهي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا؟ هرگز نہ ٿا ٿي سگهن. مفسرين ڪرام فرمائن ٿا: هيءَ آيتِ ڪريمہ ٻہ حضرت امير حمزه ۽ ابوجهل جي باري ۾ نازل ٿي. هن آيت ۾ اهو شخص جنهن سان اللّٰه پاڪ جنت جو واعدو فرمايو، ان مان مراد حضرت امير حمزه رَضِیَ اللہُ عَنْهُ آهن ۽ اهو شخص جنهن کي دنياوي مال ڏنو ويو پر قيامت جي ڏينهن ڪيس گرفتار ڪري آندو ويندو ان مان مراد ابوجهل آهي. [2]

## اللّٰه ۽ رسول جو شينهن

معجم ڪبير ۾ آهي: اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ان ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! بيشڪ ستين آسمان تي لکيل آهي: حَمْزَةُ بْنُ عَبْدِ الْمُطَّلِبِ أَسَدُ اللهِ وَأَسَدُ رَسُوْلِهِ يعني حضرت حمزه بن

---

1...مستدرک، کتاب معرفة الصحابة، جلد:4، صفحه:200، حديث:4940۔

2...ذخائر العقبى ، صفحه:300۔

عبدالمطلب الله ۽ ان جي رسول جا شينهن آهن.[1]

وہی شیر ہیں خُدا کے اور شیر مصطفےٰ کے | ہیں مُحِبِّ حبیبِ داور آقا امیر حمزہ!

## حضرت حمزه جنت ۾ ٽيڪ لڳائي ويٺا هئا

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہما کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: رات جو مان جنت ۾ داخل ٿيس ته ڏٺم ته حمزه (رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ) پنهنجن دوستن سان گڏ اتي موجود هئا.[2]

هڪ روايت ۾ آهي فرمايائون: رات جو مان جنت ۾ داخل ٿيس ته ڏٺو: حضرت جعفر طيار رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرشتن سان گڏ هوا ۾ اڏامي رهيا هئا جڏهن ته حضرت حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تخت تي ٽيڪ لڳائي ويٺا هئا.[3]

## حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي شهادت

پيارا اسلامي ڀائرو! 15 شوال سن 3 هجري تي حق ۽ باطل جي وچ ۾ عظيم جنگ لڳي، جنهن کي غزوه احد چيو وڃي ٿو. غزوه احد ۾ حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ به شريڪ هئا. پاڻ تمام بهادري سان وڙهيا، آخر شهادت جي بلند رتبي تي فائز ٿيا.[4] شهادت وقت سندن عمر مبارڪ 57 سال هئي.

سرداری تمہیں حاصِل ہے سارے شہیدوں کی | یوں حق کی حفاظت میں کی جان فِدا حمزہ
احسان نہ بھولے گا میدانِ اُحُد تیرا | ہے اس کی شبِ جاں میں اب تیری ضیا حمزہ

## شهادتِ اميرِ حمزه تي غمِ مصطفيٰ

روايتن ۾ آهي: سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي چاچي حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي مبارڪ لاش وٽ بيهي فرمايو: يَاحَمْزَةُ اي حمزه! يَاعَمَّ رَسُوْلِ اللهِ اي رسول الله جا چاچا! وَأَسَدَ اللهِ وأَسَدَ رَسُوْلِهٖ اي الله ۽ رسول جا شينهن! يَاحَمْزَةُ يَافَاعِلَ الْخَيْرَاتِ اي حمزه! اي ڀلائي ۾ اڳتي وڌي وڃڻ وارا!

---

1...معجم کبير، جلد:2، صفحه:266، حديث:2881۔
2...استيعاب، باب جعفر، جلد:1، صفحه:314ملتقطاً۔
3...مستدرڪ، ڪتاب معرفة الصحابة، جلد:4، صفحه:201، حديث:4942۔
4...معرفة الصحابة، جلد:2، صفحه:17۔

يَاحَمْزَةُ يَاكَاشِفَ الْكَرَبَاتِ اي حمزه! اي رنج و غم دور ڪرڻ وارا! يَاحَمْزَةُ يَاذَابَّا عَنْ وَجْهِ رَسُوْلِ اللّٰهِ اي حمزه! اي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان دشمنن کي پري ڀڄائڻ وارا! [1]

آپ کے دَم سے بڑھی شوکتِ اسلام شہا! باعثِ قوّتِ ایمان ہو حضرت حمزہ
آپ کو بخشا گیا سیدِ شہدا کا لقب دِین پہ اس طرح قربان ہو حضرت حمزہ
آپ کے اُسوۂ حسنہ پہ مشاہد بھی چلے اس نکمے پہ یہ احسان ہو حضرت حمزہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نمازِ جنازه ۽ تدفين

غزوه احد ۾ شهيد ٿيڻ وارن صحابهِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُم مان سڀ کان پهريان حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ جي نماز جنازه ادا ڪئي وئي. پوءِ هڪ هڪ شهيد کي آندو ويو ۽ حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ جي ويجهو رکي ان جي نماز جنازه ادا ڪئي وئي.[2] ڪجهه روايتن ۾ آهي ته 10، 10 شهيدن جي نماز جنازه ادا ڪئي وئي ۽ انهن 10 ۾ هر بار حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ به شريڪ رهيا.[3]

## فرشتن غسل ڏنو

حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ کي حضرت ابوبڪر، حضرت عمر فاروق ۽ حضرت علي المرتضىٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُم قبر شريف ۾ لاٿو. الله پاڪ جا آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبر جي ڪناري تي تشريف فرما هئا. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون ڏٺو ته فرشتا حضرت حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ کي غسل ڏئي رهيا آهن.[4]

## مزار مبارڪ

حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ جي مزار مبارڪ مدينه منوره ۾ جبل احد جي ويجهو آهي. اوهان جي مزار مبارڪ تي دعائون قبول ٿينديون آهن ۽ مرادون پوريون ٿينديون آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول سندن مزار مبارڪ تي حاضري ڏيندا آهن، خوب دعائون گهرندا آهن ۽ من جون مرادون حاصل ڪندا آهن.

---

1...ذخائر العقبیٰ ، صفحه:306۔
2...طبقات الکبریٰ، جلد:3، صفحه:7۔
3...سنن کبری للبیہقی،ابواب الشہید، جلد:4، صفحه:157، حديث:6804۔
4...طبقات الکبریٰ، جلد:3، صفحه:7۔

# مزار جي مِٽيءَ ۾ شِفا آهي

علامہ سمهودي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه لکن ٿا: حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي مزار مبارڪ جي با برڪت مٽي خاڪِ شفا آهي. قديم زماني کان نيڪ ماڻهن جو طريقو رهيو آهي تہ حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي مزار مبارڪ جي مٽي ڪٽي ويندا آهن ۽ ان کي بطور دوا استعمال ڪندا آهن.(1)

اَلْحَمْدُلِلّٰه! شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه کي ڏنو ويو آهي تہ اوهان حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي مزار مبارڪ جي مبارڪ مٽي اکين ۾ سُرمو ڪري پائيندا آهن.

# مهمانن جي حفاظت فرمايائون

شيخ سعيد بن قطب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي مزار مبارڪ تي ڪثرت سان حاضري ڏيندا رهندا هئا. عام طور تي مدينہ منوره جا رهندڙ عاشقان رسول 12 رجب تي حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي مزار مبارڪ تي حاضري ڏيندا هئا پر حضرت سعيد بن قطب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ حاضر ٿي ويندا هئا ۽ 12 رجب تائين اتي ئي رهندا هئا. شيخ محمد بن عبداللطيف مالڪي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان بہ شيخ سعيد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سان گڏ حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جي مزار مبارڪ تي حاضر ٿي ويس، رات ٿي تہ سڀ ماڻهو سمهي پيا، مان انهن جي حفاظت لاءِ جاڳندو رهيس. رات جو مون اتي هڪ گهوڙي سوار ڏٺو، جيڪو مزار مبارڪ جي ويجهو چڪر هڻي رهيو هو. مون ان گهوڙي سوار کان پڇيو: تون ڪير آهين؟ فرمايائين: منهنجو نالو حمزه بن عبدالمطلب آهي ۽ مان اوهان سيني جي حفاظت ڪري رهيو آهيان. ايترو فرمائي حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ نظرن کان اوجهل ٿي ويا.(2)

باب الدّعا ہے بے شک جن کا مزارِ انور
وہ بندۂ خدا ہیں حضرت امیر حمزہ

وضاحت: حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ الله پاڪ جا اهڙا خاص ٻانها آهن جو سندن

---

1...وفاء الوفاء باخبار دار المصطفٰے، الفصل السادس، الاستشفاء بتراب صعيب، جلد:1، صفحہ:60۔
2...جامع ڪرامات اوليا،جلد:1، صفحہ:109 بتغير قليل۔

مزار پرانوار دعائن جي قبوليت جو (گيٽ وي) يعني رستو آهي چوته جيڪا دعا انهن جي مزار شريف تي گهري وڃي ضرور قبول ٿيندي آهي.

## حضرت امير حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جون 2 اعليٰ صفتون

اي عاشقانِ رسول! حديث پاڪ ۾ آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت امير حمزه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي مخاطب ڪندي انهن جي ٻن پيارن ۽ اعليٰ وصفن جو ذڪر ڪيو، فرمايائون: (1): يَاوُصُولَ الرَّحِم اي تمام گهڻي صلهٔ رحمي ڪرڻ وارا! (2): يَافُعُولُ الْخَيْرَات اي گهڻيون نيڪيون ڪرڻ وارا![1]! ڪيترا نه پيارا ۽ وصف آهن، الله پاڪ اسان کي به توفيق بخشي، اسان کي به اهي ٻئي وصف اپنائڻ گهرجن!

## صلهٔ رحمي اختيار ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! صِلهٔ رحمي يعني رشتيدارن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ لازم ۽ ضروري آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَ الْاَرْحَامَ ؕ (پارو: 4، سورة نساء: 1)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ الله کان ڊڄو جنهن جي نالي تي هڪ ٻئي کان گهرندا آهيو ۽ رشتن (کي ٽوڙڻ کان بچو).

تفسير مظهري ۾ آهي: يعني توهان قطع رحمي (يعني رشتيدارن سان تعلق ٽوڙڻ) کان بچو[2] معلوم ٿيو ته رشتيداري جي معاملي ۾ هميشه ان ڳالهه جو خوف دل ۾ رکڻ گهرجي ته ڪٿي ڪنهن رشتيدار کي مون کان ڪا تڪليف نه پهچي، ڪٿي ڪو اهڙو ڪم نه ڪري ويهان جيڪو رشتا ٽٽڻ جو سبب بڻجي رهيو هجي.

## رشتا ٽوڙڻ واري تي لعنت

افسوس! جيئن خوفِ خدا ختم ٿيندو پيو وڃي، تيئن رشتن جي محبت ۽ فڪر به دم ٽوڙيندو پيو وڃي، اسان کي ترغيب ته اها آهي ته رشتو ٽٽڻ کان خوفزده رهون، ڊڄون ته ڪٿي رشتا ٽوڙڻ جي گناهه ۾ نه پئجي وڃون پر حالت اها آهي جو ماڻهو

---

[1] مسند بزار، جلد:17۔ صفحه:21، حديث:9530 بالفاظ ديگر۔

2... مظہری، پاره:4، سورة نساء، زيرآيت:1، جلد:2، صفحه:4۔

رشتا ٽوڙڻ جا طريقا ڳولهيندا رهندا آهن ۞ جي ها! شادي وغيره جو موقعو هجي ۞ رشتيدارن ۾ خوشي غمي جو ڪو ئي معاملو هجي، ماڻهو بهانا ڳولهيندا آهن، تلاش ڪئي ويندي آهي تہ ڪهڙي ڳالهہ کي بنياد بڻائي مان جهيڙو ڪيان؟ ڪجهہ اهڙو ٿئي جو مان ڪاوڙجان ۽ سڀ مون کي پرچائڻ اچن. ايئن خاندانن ۾ ٿيندو آهي. اها تمام بري ڳالهہ آهي، الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ يَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖۤ اَنْ يُّوْصَلَ وَ يُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ۙ اُولٰٓىِٕكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَ لَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ ﴿۲۵﴾ (پارو: 13، سورة رعد: 25)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جنهن کي ڳنڍڻ جو الله حڪم فرمايو آهي ان کي ڇنندا آهن ۽ زمين ۾ فساد پکيڙيندا آهن انهن جي لاءِ لعنت ئي آهي ۽ انهن جي لاءِ برو گهر آهي.

الله اڪبر! معلوم ٿيو تہ رشتا ٽوڙڻ واري تي الله پاڪ جي لعنت وسندي آهي.

## رحمت کان محروم ماڻهو

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هڪ دفعو رسول عربي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون احاديثِ مبارڪ بيان فرمائي رهيا هئا، اُن دوران فرمايائون: هر رشتيداري ٽوڙڻ وارو اسان جي محفل مان اُٿي وڃي. هڪ نوجوان اُٿي پنهنجي پُڦي جي گهر ويو جنهن سان ان جو ڪيترن ئي سالن کان پراڻو جهڳڙو هو، جڏهن ٻئي هڪ ٻئي کان راضي ٿي ويا تہ ان نوجوان کي پنهنجي پڦي چيو: تون وڃي ان جو سبب پڇ تہ آخر ائين ڇو ٿيو؟ (يعني ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي اعلان جي ڇا حڪمت آهي؟) نوجوان حاضر ٿي جڏهن پڇيو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو تہ مون ٻنهي جهانن جي سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان اهو ٻڌو آهي تہ: جنهن قوم ۾ رشتيداري ٽوڙڻ وارو هوندو آهي، ان قوم تي الله جي رَحمت جو نزول نہ ٿيندو آهي.[1]

## رشتا ٽوڙڻ واري جي نحوست

الله! الله! غور فرمايو! صحابيءِ رسول آهن، ماڻهن جي وچ ۾ تشريف فرما آهن ۽ بيان ڇا ڪري رهيا آهن؟ رحمتِ دوجهان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون مبارڪ حديثون...!! اهڙي محفل تي بہ رحمتون نہ وَسَنديون تہ پوءِ ڪنهن تي وَسَنديون؟ پر حضرت

1... الزواجر، جلد:2، صفحہ:136-137۔

ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي خوف اهو ٿيو ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو هن محفل ۾ ڪو قاطعِ رحم هجي ۽ اسان ان جي ڪري رحمت کان محروم ٿي وڃون ...!!

اها آهي قاطعِ رحم (يعني رشتو ٽوڙڻ واري) جي نحوست...!! هتان توهان اندازو لڳايو ته جنهن گهر ۾ قاطعِ رحم هجي، جنهن گهٽي ۾، جنهن محلي ۾ رهندو هجي، ان گهر، ان گهٽي ۽ ان محلي تي رحمتون ڪيئن نازل ٿينديون ...؟ ۽ جيڪو پاڻ قاطعِ رحم آهي ان جي دِل ۾ رحمت ڀريو ڪلام قرآن ڪريم ڪيئن سمائجي سگهندو؟

## نيڪيون قبول نه ٿينديون آهن

حديثِ پاڪ ۾ آهي: هر جمعي جي رات ٻانهن جا عمل الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پيش ٿيندا آهن فَلَا يَقْبَلُ عَمَلَ قَاطِعِ رَحِمٍ (پر) الله پاڪ قطع رحمي ڪرڻ واري جا عمل قبول نه فرمائيندو آهي[1].

## ان ڪي الله پاڪ ٽوڙي ڇڏيندو آهي

مُحَمّدِ عربي، مڪي مَدَني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ جڏهن مخلوق کي پيدا ڪري چڪو ته رحم اٿي بيهي رحم ڪرڻ واري الله پاڪ جي دامن ۾ پناهه ورتي. الله پاڪ ان کي فرمايو: أَمَا تَرْضِينَ أَنْ أَصِلَ مَنْ وَصَلَكِ، وَأَقْطَعَ مَنْ قَطَعَكِ؟ ڇا توکي اهو پسند ناهي ته جيڪو توکي جوڙي مان به ان کي جوڙيان ۽ جيڪو توکي ٽوڙي مان به ان کي ٽوڙي ڇڏيان. رحم عرض ڪيو، ها اي منهنجا رب! الله تعاليٰ فرمايو، پوءِ ائين ئي ٿيندو.[2]

هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي: مان رحمٰن آهيان ۽ رحم جو مادو مون پنهنجي نالي مان ڪڍيو آهي، فَمَنْ وَصَلَهَا وَصَلْتُهُ، وَمَنْ قَطَعَهَا بَتَتُّهُ جنهن ان کي ملايو مان ان کي ملائيندس ۽ جنهن ان کي ٽوڙيو مان ان کي ٽوڙيندس.[3]

---

[1] الادب المفرد، صفحه:32، حديث:61۔
2 بخاري، كتاب الادب، باب من وصل وصله الله، صفحه:1495، حديث:5987۔
3 الادب المفرد، صفحه:30، حديث:53۔

## جهنم کان پري ڪرڻ وارو عمل

هڪ شخص الله پاڪ جي سڀ کان آخري نبيءَ، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو: مون کي اهڙو عمل ٻڌايو جيڪو مون کي جنت جي ويجهو ۽ دوزخ کان پري ڪري ڇڏي. الله پاڪ جي محبوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ جي عبادت ڪر، ڪنهن شيءِ کي ان جو شريڪ نہ بڻاءِ، نماز پڙهہ، زڪوات ادا ڪر ۽ صلهءِ رحمي ڪندو رهہ.

## عمر وڌائڻ واري نيڪي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي رهيا هئا تہ جيڪو شخص پنهنجي روزي ۾ ڪشادگي چاهي ٿو يا عمر جي درازي چاهي ٿو تہ ان کي گهرجي تہ صلهءِ رحمي ڪري.[1]

الله پاڪ اسان کي صلهءِ رحمي (يعني رشتيدارن سان ڳنڍيو رهڻ، انهن سان نيڪ سلوڪ ڪندو رهڻ) جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## صلهءِ رحمي جا 10 فائدا

حضرت ابو اللّيث سمرقندي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: صِلهءِ رحمي ڪرڻ جا 10 فائدا آهن (1): الله پاڪ جي رِضا حاصل ٿيندي آهي (2): ماڻهن جي خوشي جو سبب آهي (3): فرشتن کي مسرت ٿيندي آهي (4): مسلمانن جي طرفان ان شخص جي تعريف ٿيندي آهي (5): شيطان کي ان سان رنج ٿيندو آهي (6): عمر وڌندي آهي (7): رِزق ۾ برڪت ٿيندي آهي (8): فوت ٿي ويل ابا ڏاڏا خوش ٿيندا آهن (9): پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي (10): وفات کان پوءِ ان جي ثواب ۾ اضافو ٿي ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ماڻهو ان جي حق ۾ دعاءِ خير ڪندا آهن.[2]

الله پاڪ اسان کي صلهءِ رحمي ڪرڻ وارو، رشتا جوڙڻ وارو، ماڻهن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ وارو بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي. صلهءِ رحمي جو وڌيڪ ذهن ناهڻ ۽ ان جي فضيلتن ۽ فائدن وغيره جي تفصيلي معلومات لاءِ اميرِ اهلسنت مَولانا محمد اِلياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو تمام خوبصورت ۽ مختصر رسالو ”**هٿو هٿ**

---

1 مسلم، کتاب البر و الصلة، باباب صلة الرحم و تحريم قطعتها، صفحہ:993، حديث:2557۔

2...تنبيہ الغافلين، باب صلة الرحم، صفحہ:74 خلاصۃ۔

پُڇي سان صلح ڪري ورتي“ پڙهي ونو!

## نيڪين جا حريص بڻجي وڃو

فرمانِ آخری نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: اِحْرِصْ عَلٰی مَایَنْفَعُكَ وَاسْتَعِنْ بِاللّٰهِ وَلَاتَعْجِزْ يعني ان شئي تي حرص ڪريو جيڪا توهان کي فائدو ڏئي ۽ الله کان مدد طلب ڪيو ۽ عاجز نہ ٿيو.[1]

## نيڪي جي معاملي ۾ بي صبرا بڻجي وڃو...!!

جڏهن تہ حڪيمُ الْاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: واضع رهي تہ دنياوي شين ۾ قناعت ۽ صبر سنو آهي، پر آخرت جي شين ۾ حرص ۽ بي صبري اعليٰ آهي، دين جي ڪنهن بہ درجي تي پهچي قناعت نہ ڪيو، اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيو.[2] الله پاڪ اسان کي نيڪيون ڪرڻ جو حريص بڻائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## نيڪين ۾ جلدي ڪرڻ انبياءَ جو طريقو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪين ۾ جلدي ڪرڻ نبين جي سنت آهي. قرآن ڪريم ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| اِنَّهُمْ كَانُوْا يُسٰرِعُوْنَ فِی الْخَيْرٰتِ (پارو: 17، سورة انبياء: 90) | ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ اهي نيڪين ۾ جلدي ڪندا هئا. |

يعني انبياءِ ڪرام عَلَیْھِمُ السَّلَام جو انداز مبارڪ هو تہ نيڪ ڪمن ۾ تمام گهڻي جلدي ڪندا هئا.

## صدقو ڪرڻ ۾ جلدي فرمايائون

صحابيءِ رسول حضرت عقبہ بن حارث رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: هڪ دفعي مون عصر جي نماز مسجدِ نبوي شريف ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

1...مسلم، ڪتاب القدر، باب فی الامر بالقوة، صفحه:1027، حديث:2664۔
2... مرآة المناجيح،جلد:7،صفحه:211۔

جي پنيان ادا ڪئي، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جئين ئي سلام ڦيرايو، فوراً اٿيا ۽ تيز تيز قدم کڻندا گهر ڏانهن تشريف وٺي ويا، اهڙو خلافِ معمول انداز مبارڪ ڏسي صحابہِ گهٻرائجي ويا، اجان ٿوري ئي دير گذري هئي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واپس تشريف وٺي آيا ۽ فرمايائون: مون کي ياد آيو تہ سون جو هڪ ٽڪرو گهر ۾ رکيل آهي، بس ان کي پاڻ وٽ رکڻ مون کي ناپسند هو، تنهنڪري ان کي صدقو ڪري ڇڏڻ جو حڪم ڏئي آيو آهيان.(1)

سُبۡحٰنَ الله! ڇا شان آهي منهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ...!!

## نيڪين ۾ جلدي ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! حديث پاڪ تي غور فرمايو، گهر ۾ سون جو هڪ ٽڪرو هو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهو صدقو ڪرڻو هو، هي بہ تہ ممڪن هو تہ نماز کان پوءِ معمول مطابق تشريف رکن ها، دعا فرمائن ها، صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم سان ملاقات ڪن ها، پوءِ سون صدقو ڪيو وڃي ها، پر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي تعليم ڏني، صدقو ڪرڻ ۾ ٿوري بہ دير ڪرڻ پسند نہ فرمايائون، فوراً صدقو ڪري ڇڏيائون.

الله! الله! اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ سراپا نيڪي آهن، اتي تہ نيڪيءَ کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڪم جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي، بلڪ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ اهي آهن جو انهن جي ادائن کي اپنائڻ افضل نيڪي آهي. ان جي باوجود بہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صدقو ڪرڻ ۾ جلدي فرمائي. خبر پئي تہ نيڪين ۾ جلدي ڪرڻ اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ طريقو آهي، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ نيڪين ۾ جلدي ڪيون، بس جيئن ئي موقعو ملي تہ هٿان ڏينهن، ڪلاڪ ۽ منٽ تہ پري جي ڳالهہ آهي هڪ سيڪنڊ جو بہ انتظار نہ ڪيون، فوراً اها نيڪي ڪري ڇڏيون.

## موقعو غنيمت ڄاڻو...!!

الله پاڪ جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مَنۡ فُتِحَ لَهٗ بَابٌ مِّنۡ خَيۡرٍ جنهن جي لاءِ ڀلائيءَ جو دروازو کوليو وڃي فَلۡيَنۡتَهِزۡهُ تہ ان کي گهرجي تہ ڊوڙي

1... بخاری، کتاب الاذان، باب من صلی بالناس...الخ، صفحہ:266، حدیث:851۔

وجي ان پلائيءَ جي دروازي ۾ داخل ٿي وجي، فَاِنَّهٗ لَایَدْرِیْ مَتٰی یُغْلَقُ عَلَیْهِ ڇاڪاڻ ته هو نه ٿو ڄاڻي ته اهو دروازو ڪڏهن بند ڪيو ويندو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسين زنده آهيون، اهو پلائيءَ جو دروازو آهي ساهه هلي رهيا آهن، اهو به پلائيءَ جو دروازو آهي اسان کي نيڪيءَ جي دعوت ڏني وئي، هي به پلائيءَ جو دروازو آهي دل ۾ نيڪيءَ جو خيال آيو، هي به پلائيءَ جو دروازو آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته ڊوڙي وڃي ان دروازي ۾ داخل ٿي وڃون، يعني فوراً ڪان اڳ ۾ نيڪي ڪري ونون، ٿوري دير بعد، سياڻي يا ٻئي ڏينهن تي نه رکون، ڪهڙي خبر! ڪهڙي وقت اها توفيق ڪسجي وڃي.

## دنياوي ڪم ۾ دير ڪرڻ سٺو آهي

اسان وٽ هڪ اهو به معاملو آهي ته اسان دنيا جي ڪم کي اڳتي ۽ آخرت جي ڪم کي پوئتي رکندا آهيون. جيڪڏهن ان جي ابتڙ ڪيون ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! دنيا به سنورجي ويندي ۽ آخرت به سنورجي ويندي. حديث پاڪ ۾ آهي: اطمينان هر شيءِ ۾ آهي، سواءِ آخرت جي ڪم جي.

يعني دنياوي ڪم ۾ دير لڳائڻ سٺو آهي ڇو جو ممڪن آهي ته اهو ڪم خراب هجي ۽ دير لڳائڻ ۾ ان جي خرابي معلوم ٿي وڃي ۽ اسان ان کان باز رهون، پر آخرت جو ڪم ته سٺو ئي سٺو آهي ان کي موقعو (*Chance*) ملندي ئي ڪري ڇڏيو، جو دير لڳائڻ ۾ شايد موقعو وڃائجي وڃي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَاسْتَبِقُوا الْخَیْرٰتِ ؕ<br>(پارو 2 سوره بقره 148) | ترجموڪنزالعرفان: پوءِ تون نيڪين ۾ اڳتي نڪري وڃ. |

شيطان نيڪ ڪم ۾ دير ڪرائي آخر ۾ ان کان روڪي ڇڏيندو آهي.[2]

## نيڪ ڪم سياڻي لاءِ نه رکو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس جي ڳالهه آهي ته اسان دنيا جي هر ڪم ۾ چستي

1...زُہد لابن مبارک،صفحه:76، حديث:117 ۔
2... مراۃ المناجيح، جلد:6، صفحه:627ملخصاً۔

ڏيکاريندا آهيون، پر نيڪ عملن ۾ سستي ٿي ويندي آهي ۞ ڪائڻ لاءِ ڪڏهن نه چوندا آهيون ته سپاڻي ڪائينداسين پر نماز لاءِ چوندا آهيون ته رمضان کان شروع ڪنداسين ۞ پئسا ڪمائڻ جو موقعو هجي ته اڄ جو اڄ ئي ڪمائڻا آهن، دل چوندي آهي ته بس سپاڻي جو سج نه نڪري، مان راتو رات امير ٿي وڃان، پر نيڪ ڪمن بابت ذهن ٺهجندو آهي ته اڃا ته تمام گهڻي زندگي پئي آهي، نيڪيون به ڪري ئي وٺندس ۞ ٻاهرين ملڪ جي ويزا لڳرائڻي هجي، نئون ڪاروبار شروع ڪرڻو هجي، دنياوي لحاظ کان ڪو ڪارنامو انجام ڏيڻو هجي ته ذهن ٺهجندو آهي ته جيڪو سپاڻي ڪرڻو آهي سو اڄ ڪيان، جيڪو اڄ ڪرڻو آهي سو هاڻي ڪيان. پر نيڪين ڪرڻ جي وقت ...!! اڄ ٿڪجي پيو آهيان، اڄ گهڻو ڪم رهيل آهي، اڄ دل نٿي چئي، سپاڻي کان، پَرهين کان، ايندڙ جمعي کان شروع ڪندس.

آه! افسوس! نيڪين جي معاملي ۾ سپاڻي سپاڻي ڪندي ڪيتري ئي زندگي گذري وئي، پر اها سپاڻي نه آئي، نه ئي اچڻي آهي، ان جي ابتڙ اسان قبر ۾ پهچي وينداسين، پوءِ پڇتائيندا ئي رهجي وينداسين. صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: تَسۡوِیۡف (يعني اهو سوچڻ ته جلد نيڪيون ڪري وٺندس) اهڙي سوچ شيطان جي لشڪرن مان هڪ وڏو لشڪر آهي، افسوس! اڪثر ان جي ذريعي شيطان انسان کي ڌوکي ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي.[1]

## جهنم وارن جي پڪار

حضرت عبد الله بن مبارڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون تائين اها ڳالهه پهتي آهي ته اڪثر جهنمين جي پڪار هيءَ هوندي: اُفِّ لِسَوۡفَ،اُفِّ لِسَوۡفَ يعني حيف آهي سپاڻي تي، حيف آهي سپاڻي تي.[2]

مطلب اهو ته اسان دنيا ۾ اهو ئي چوندا رهياسين ته سپاڻي ڪري وٺندس، سپاڻي ڪري وٺندس، اهو جيڪو انداز هو ان تي حيف آهي، ان ئي اسان کي نيڪ اعمال ڪرڻ کان دور ڪري ڇڏيو.

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي نه عبرت جي ڳالهه آهي، جهنمين جي هڪ تعداد اهڙي

1...موسوعہ ابن ابی دنيا،کتاب قصر الامل، جلد:3، صفحہ:349، حديث:208۔
2...موسوعہ ابن ابی دنيا،کتاب قصر الامل، جلد:3، صفحہ:351، حديث:217۔

هوندي جو اهي دنيا ۾ سياڻي سياڻي ڪندا رهيا، اڄ جو اڄ ئي نيڪين تي سندور نه ٻڌائون افسوس! اسان جو حال به ڪجهه اهڙو ئي آهي. اسان جي ذهنن ۾ گهڻا ئي منصوبا (Plans) هوندا آهن، اسان جي دلين ۾ گهڻا ئي خواب هوندا آهن، اسان روزانو پنهنجي مستقبل لاءِ گهڻو ڪجهه سوچيندا رهندا آهيون، ڪيترائي نوان نوان منصوبا تيار ڪندا رهندا آهيون، پر افسوس! نيڪ ڪمن جا منصوبا تيار نه ڪندا آهيون اسان کي مرڻو به آهي، قبر ۾ به لهڻو آهي، الله پاڪ جي حضور حاضر به ٿيڻو آهي، ان سلسلي ۾ بس ٽال مٽول ئي ڪندا رهندا آهيون، پر ياد رکجو! جڏهن ملڪ الموت حضرت عزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام تشريف ڪٺي ايندا ته ان کان پوءِ ڪو به منصوبو، ڪو به خواب باقي نه رهندو، تڏهن صرف هڪ شيءِ باقي هوندي ۽ اهي اسان جا عمل آهن. تنهنڪري هن دنيا ۾ اسان کي اڳتي هلي ڇا ڪرڻو آهي، سٺو گهر، سٺي گاڏي، سٺو ڪاروبار، اهو سڀ ڪجهه اسان جي مستقبل جي سوچ آهي، پر اسان جو عمل اسان جي اڄ جي ذميواري (Responsibility) آهي. اسان پنهنجي دنياوي مستقبل تائين پهچنداسين يا نه پهچنداسين، ان جي ڪنهن کي خبر ناهي، پر قبر ۾ ضرور لهنداسين، پنهنجا عمل ساڻ ڪٺي لهنداسين، اهو هر مسلمان ڄاڻي ٿو. تنهنڪري ضروري آهي ته اسان اڄ کان بلڪ هاڻي کان ئي پنهنجن عملن جو فڪر شروع ڪريون.

سُنّتوں سے بھائی رشتہ جوڑ تُو | نِت نئے فیشن سے منہ کو موڑ تُو
نیکیاں کر جلد تُو بدیوں سے بھاگ | قبر میں ورنہ بھڑک اٹّھے گی آگ
خوب کر ذکرِ خدا و مصطفٰے | دل مدینہ یاد سے ان کی بنا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ عملن ۾ جلدي ڪريو...!!

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: 7 شين کان پهريان نيڪ عملن ۾ جلدي ڪريو! توهان ڪهڙي انتظار ۾ آهيو؟ ڇا ان ۾ ته (1): وساري ڇڏڻ واري محتاجي اچي وڃي (2): يا سرڪش بڻائڻ واري مالداري ملي وڃي (3): يا توهان کي ڪو مرض لڳي وڃي (4): يا عقل ختم ڪرڻ واري پوڙهائپ اچي وڃي (5): يا اوچتو موت اچي وڃي (6): يا دجال ظاهر ٿي وڃي (7): يا قيامت

قائم ٿي وڃي ۽ قيامت سخت مصيبتن واري ۽ ڏاڍي ڪوڙي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏو خوبصورت سبق ڏنو ويو آهي، واقعي ائين ٿيندو آهي ۞ ماڻهو آخرت جي معاملي ۾ سياڻي سياڻي ڪندو رهندو آهي ۞ پوءِ ڪڏهن تنگدستي اچي ويندي آهي، بندو ڪمائڻ ۾ مصروف ٿي ويندو آهي ۞ يا وري مال گهڻو ٿي ويندو آهي ان جي سار سنڀال ۾ لڳي ويندو آهي ۞ يا وري بيمار ٿي پوندو آهي، ايئن ئي سياڻي سياڻي ڪندي پوڙهو ٿي ويندو آهي، پوءِ هڏين ۾ طاقت ئي نه رهندي آهي، سجدو ڪرڻ به چاهيندو آهي ته ڪري نه سگهندو آهي ۞ ۽ ڪيترائي اهڙا آهن، جيڪي سياڻي سياڻي ڪندا رهندا آهن، سياڻي کان نيڪيون شروع ڪندس، فلاڻي ڏينهن کان نيڪيون شروع ڪندس، پر افسوس! اوچتو ڪين موت اچي ويندو آهي ۽ ماڻهو نيڪ عمل ڪرڻ کان سواءِ ئي قبر جي کڏ ۾ وڃي ڪرندو آهي. تنهنڪري ان کان اڳ جو اهڙي حالت ٿئي، اسان کي نيڪ عملن تي سندور ٻڌڻ گهرجي.

اللہ پاڪ اسان کي حضرت امير حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو فيضان نصيب فرمائي، ڪاش! صلهءِ رحميءَ جو جذبو ۽ نيڪين جو حرص نصيب ٿي وڃي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو حلقو

۞ قرآن مجيد سکڻ تمام فضيلت وارو ڪم آهي: ۞ حديثن ۾ هن طرح جو مضمون آهي ته: صبح اهڙي حال ۾ ڪيو جو يا ته توهان عالِم هجو يا طالبِ علمِ دين.[2] ۞ هڪ روايت مطابق صبح جي وقت قرآن مجيد جي هڪ آيت سکڻ 100 رڪعتون نفل پڙهڻ کان بهتر آهي.[3]

۞ اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو حلقو لڳائيندا آهن ۞ ان ۾ ٽي قرآني آيتون، انهن جو ترجمو ۽ تفسير ٻڌو ۽ ٻڌايو ويندو آهي۞ فيضانِ سنت مان درس ٿيندو آهي۞ شجرو شريف پڙهيو

1... ترمذی، کتاب الزہد، باب ماجاء فی المبادرۃ بالعمل، صفحہ:553، حدیث:2306 ۔

2... دارمی، المقدمۃ، باب فی ذھاب العلم، صفحہ:96، حدیث:254۔

3... ابن ماجہ، باب فضل من تعلم القرآن و علمہ، صفحہ:48، حدیث:219 ۔

ويندو آهي۞ دعا ٿيندي آهي ۽ ۞ آخر ۾ اشراق ۽ چاشت جا نفل به ادا ڪيا ويندا آهن.

۞ اوهان به تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت جي عادت بڻايو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪيترين ئي برڪتون ملنديون. ۞ حديث پاڪ جي مطابق جيڪو صبح جي وقت مسجد ۾ نيڪي سکڻ جي لاءِ ويندو آهي، ان کي عمري جو ثواب ملندو آهي.[1] ۞ صبح جو وقت نيڪين ۾ گذرندو ته برڪت ملندي ۞ سمورو ڏينهن سٺو گذرندو۞ صبح صبح علمِ دين سکڻ جو موقعو نصيب ٿيندو ۞ شجرو شريف پڙهڻ جي صورت ۾ نيڪ ماڻهن جو ذڪر ٿيندو۞ انهن جي محبت دل ۾ داخل ٿيندي ۞ اولياءِ ڪرام جي روحاني توجهه ملندي ۞ ايمان تازو ٿيندو ۞ انهن جي وسيلي سان گهريون ويندڙ دعائون اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! پوريون ٿينديون ۞ هڪ وڏي برڪت اها آهي ته نمازِ فجر کان نمازِ اشراق تائين مسجد ۾ رهڻ سنتِ مصطفیٰ آهي ان تي عمل جي سعادت ملي ويندي ۞ حديث پاڪ مطابق جيڪو نمازِ فجر کان پوءِ ذڪرُ الله ۾ مشغول رهي، پوءِ اشراق ۽ چاشت جا نفل پڙهي، ان کي جهنم جي باهه نه ڇهندي.[2] ۞ (جنهن مسجد ۾ حلقو لڳندو آهي، ان جو نالو ۽ ايڊريس ٻڌايو! مثال طور هيئنئن چئو) اوهان جي محلي جي مسجد گلزارِ مدينه ۾ تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو حلقو لڳندو آهي. نمازِ فجر اتي ادا ڪرڻ ۽ تفسير ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت جي نيت ڪري وٺو!

## ويزائون ملي ويون

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14 سالن کان ٻاهرين ملڪ ۾ آهي جتي هن جو پنهنجو ڪاروبار آهي. انهن کي هڪ ڀيرو پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي ضرورت پئي. هنن ويزائن لاءِ ڪيترائي ڀيرا درخواستون جمع ڪرايون، مگر ڪافي ڪوشش جي باوجود به ويزائون نه ملي سگهيون. ڪيترائي سال ائين گذري ويا، هو تمام گهڻو پريشان هئا ڇو ته ملازمن جي نه هئڻ سبب هنن کي نقصان برداشت ڪرڻو پئي پيو. خير انهن همت ڪري هڪ ڀيرو ٻيهر درخواست جمع

1... مستدرک، کتاب العلم، باب من جاء المسجد...الخ، جلد:1، صفحہ:281، حديث:317 ۔

2... شعب الايمان، باب فی الصيام، جلد:3، صفحہ:420، حديث:3957۔

ڪرائي. ان دوران هڪ اسلامي ڀاءُ هنن کي شجره قادريه عطاريه مان شجره عاليه جا دعائيه اشعار پڙهڻ جو مشورو ڏنو. هنن شجري شريف مان دعائيه اشعار کي بغير وقفي جي روزانو پڙهڻ شروع ڪري ڏنو. اَلْحَمْدُلِلّٰه! شجره قادريه رضويه ضيائيه عطاريه پڙهڻ جي برڪت سان هنن جو اهو ڪم جيڪو ڪيترن ئي سالن کان نه ٿي رهيو هو، حيرت انگيز طور تي ڪجهه ئي ڏينهن ۾ ٿي ويو ۽ انهن کي ويزائون ملي ويون.

مُشکلیں حَل کر شہِ مُشکل کُشا کے واسطے | کر بَلائیں رَد شہیدِ کربلا کے واسطے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اسلامڪ اسپيچز (Islamic Speeches) موبائل ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اسمارٽ فون (Smartphone) جي ذريعي پڻ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. ان حوالي سان دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ جي طرفان مختلف موبائل ايپليڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، جن مان هڪ موبائل ايپليڪيشن اسلامڪ سپيچز (Islamic Speeches) آهي جنهن جي ذريعي اوهان دعوت اسلامي جا ۞ هفتيوار ۞ جمعي ۞ ۽ مختلف موقعن جا نوان ۽ پراڻا بيان آساني سان حاصل ڪري سگهو ٿا ۞ اهي بيان نه صرف اردو، بلڪ انگريزي، سنڌي، پشتو ۽ بنگالي ٻولين ۾ پڻ موجود آهن. ۞ اوهان انهن بيانن کي نه صرف پڙهي سگهو ٿا بلڪ هن ايپلي ڪيشن ۾ موجود مخصوص بيانن کي آڊيو ۾ پڻ ٻڌي سگهو ٿا. بيانن کي ڳولهڻ جي سهولت پڻ موجود آهي، جنهن سان اوهان آساني سان پنهنجو مطلوبه بيان ڳولهي سگهو ٿا. اوهان پنهنجن پسنديده بيانن کي فيورٽ ڪري محفوظ به ڪري سگهو ٿا. اڄ ئي هن ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ ڊائون لوڊ ڪيو ۽ ٻين کي پڻ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجهه ضروري اعلانات

۞ هر ڇنڇر تي اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، اينڊڙ ڇنڇر تي به مدني چينل

تي رات (9 بجي ۽ 15منٽ) تي اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، امير اهلسنت مولانا الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِیَه سوالن جا جواب پڻ عنايت فرمائيندا آهن. تمام ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمايو ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏيو. ۞ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِیَه يا خليفهءِ امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِیَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب به ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو ”طلبہ جي باري ۾ 18 سوال جواب“ جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين کي به شئير (Share) ڪريو ۞! مڪتبة المدينہ پيش ڪري رهيو آهي قرآن، حديث، عقائد تصوف ۽ فقہ ۾ مڪمل مهارت رکندڙ ماهر عالم اعلىٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي سيرت جي مختلف پهلوئن تي لکيل ڪتاب ”**فيضانِ امام اهلسنت**“: اڄ ئي مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان هن ڪتاب کي 415 روپين ۾ قيمت ڏئي طلب فرمايو، پاڻ به مطالعو ڪيو ۽ ٻين کي به ان جي مطالعو ڪرڻ جي دعوت ڏيو!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِیۡ فَقَدۡ اَحَبَّنِیۡ وَمَنۡ اَحَبَّنِیۡ کَانَ مَعِیۡ فِی الۡجَنَّۃِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ منهنجي سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1...تاريخِ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343.

# ڏندڻ ڏيڻ جون سنتون ۽ آداب

2 فرامينِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: (1): ٻه رڪعتون ڏندڻ ڪري پڙهڻ بغير مسواڪ جي 70 رڪعتن ڪان افضل آهن.[1] (2): مسواڪ (ڏندڻ) جو استعمال پنهنجي لاءِ لازمي ڪري ڇڏيو ڇو ته ان ۾ وات جي صفائي ۽ الله پاڪ جي رضا آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! ۞ حضور نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هر رات ڪيترائي ڀيرا مسواڪ ڪندا هئا، هر ڀيرو سمهڻ وقت به ۽ بيدار ٿيڻ وقت به. ۞ بغير سٺي نيت جي مسواڪ ڪرڻ سان طبعي فائدا (Physical Benefits) ته حاصل ٿيندا مگر ثواب نه ملندو. مثال طور وضو جي لاءِ مسواڪ ڪرڻو هجي ته هن طرح ٿي نيتون ڪري وٺو: رضاءِ الٰهي، سنت جي ادائيگي ۽ ذڪر و درود لاءِ وات کي پاڪيزه ڪرڻ جي غرض سان مسواڪ ڪندس. ۞ مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هوندو مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب ٿيندو. ۞ حضرت عبد الله ابن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُما کان روايت آهي ته مسواڪ ۾ 10 خوبيون (Qualities) آهن: وات صاف ڪندو آهي، مَهارون (Gums) مضبوط بڻائيندو آهي ، نظر تيز ڪندو آهي، بلغم (Phlegm) دور ڪندو آهي، وات جي بدبو ختم ڪندو آهي، سنت جي موافق آهي، مسواڪ ڪرڻ واري کان فرشتا خوش ٿيندا آهن، مسواڪ ڪرڻ سان رب راضي ٿيندو آهي، مسواڪ نيڪي وڌائيندو آهي ۽ معدو(Stomach) درست ڪندو آهي ۞ مسواڪ ساڄي هٿ ۾ اهڙيءَ طرح پڪڙيو جو چيچ (ننڍي آڱر) ان جي هيٺان ۽ وچيون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چوٽي تي هجي ۞ مسواڪ جڏهن ناقابلِ استعمال ٿي وڃي ته ان کي اڇلايو نه ڇو ته اهو سنت ادا ڪرڻ جو ذريعو (اوزار) آهي، احتياط سان ڪنهن جاءِ تي رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا پٿر وغيره وزن ٻڌي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيو.[3]

ياد رهي ته روزي جي حالت ۾ به مسواڪ ڪرڻ سنت آهي، البته اهڙو مسواڪ جنهن کي چٻاڙڻ سان ريشا نڪري اچن يا وات ۾ ذائقو محسوس ٿئي ته ان جي استعمال ڪان پاسو ڪجي.

---

1 ... اَلتَّرغِيب وَالتَّرہِيب، کتاب: الطہارۃ، الترغيب فی السواک، صفحہ:86، حديث:18۔

2... مسند امام احمد، جلد:2، صفحہ:438، حديث:5869۔

3... 550 سنتيں اور آداب، صفحہ:47-50۔

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي **بهار شريعت** جلد: 3 جو حصو 16 ۽ امير اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جو 91 صفحن جو رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو
رب کے در پر جھکیں، اِلتجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو (1)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(2).

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن

---

1...وسائلِ بخشش،صفحہ:670-671 ملتقطًا۔

2 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(1)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(2)

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(3)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (4)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2]... القول البديع، الباب الثانى، ص277

[3]... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[4]... القول البديع، الباب الاول، ص4125

شافع امم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (1)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (2)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللہُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (3)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]… الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

[2]… مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3]… ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455